# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريه 2015

# SINDH ACT NO.IX OF 2015

# سنڌ اسڪول تعليم معيار ۽ نصاب ايڪٽ، 2014

# THE SINDH SCHOOL EDUCATION STANDARDS AND CURRICULUM ACT, 2014

## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.وصفون

Definitions

3.نصاب ونگ جو قيام ۽ ان جا ڪم

Establishment of Curriculum Wing and its functions

4.سنڌ نصاب ڪائونسل جو قيام ۽ ان جا ڪم

Establishment of Sindh Curriculum Council and its functions

5.بيهڪ ۽ جوڙجڪ

Composition and Constitution

6.نااهلي

Disqualification

7.صوبائي نصاب ڪائونسل جون گڏجاڻيون

Meetings of the Provincial Curriculum Council

8.ڏنڊ

Penalty

9.ڏوهہ جو ازالو

Cognizance of offence

10.عدالت جو دائره اختيار

Jurisdiction of Court

11.اپيل

Appeal

12.ڇوٽ

Indemnity

13.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

14.ضابطا

Regulations

15.رنڊڪ هٽائڻ

Removal of difficulty

16.منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ

Repeal and Savings

# سنڌ ايڪٽ نمبر IX مجريہ 2015

# SINDH ACT NO.IX OF 2015

## سنڌ اسڪول تعليم معيار ۽ نصاب ايڪٽ، 2014

## THE SINDH SCHOOL EDUCATION STANDARDS AND CURRICULUM ACT, 2014

[9 جنوري 2015]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ بنيادي تعليم کان وٺندي ٻارهين درجي تائين تعليم جي معيار جي سڌاري لاءِ اسڪول تعليمي معيار جي مرمت ۽ نصاب، نصابي ڪتابن ۽ تعليم جي معيار جي سڌاري لاءِ تشخيص کي يقيني بڻايو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسڪول تعليمي معيارن جي مرمت، 21هين صدي جي سکيا جي گهرجن کي نظر ۾ رکندي، تحقيقي بنياد تي نصاب، نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان، تشخيص ۽ ڪاٿي جي ذريعي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

۽ جيئن تہ اهو تمام ضروري آهي تہ نصابي ڪتابن جي معيار، سکيا جي سامان، تشخيص ۽ تدريس جي مشق کي سڌاريو وڃي تہ جيئن گهٽ ۾ گهٽ اسڪول تعليمي معيار حاصل ڪري سگهجن؛

۽ جيئن ايجنسيز جي صلاحيت وڌائي سگھجي ۽ شاگردن جي سکيا جا وڌ ۾ وڌ نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ سازگار سکيا جو معاحول فراهم ڪري اسڪول تعليم لاءِ گڏ گورننس کي هٿي وٺرائي سگھجي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسڪول تعليم معيار ۽ نصاب ايڪٽ، 2014 سڏيو ويندو.

(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.

(3)اهو فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a)"ايجنسي" مطلب ڪو ڪاتو، ادارو يا تنظيم يا ڊائريڪٽوريٽ يا حڪومت جي بيورو ۽ جنهن ۾ شامل آهي هڪ ڪارپوريشن يا ٻي خودمختيار يا سيمي آٽونامس باڊي، جيڪا ڪنهن قانون يا حڪومت تحت جوڙي وئي هجي؛

(b)"تشخيص" مطلب شاگردن جي سکيا جي نتيجن جو ڪاٿو لڳائڻ؛

(c)"سازگار سکيا جو ماحول" مطلب هڪ سکيا جو ماحول جيڪو شاگردن جي سکيا جي هنرن کي 21هين صديءَ جي مناسبت سان تعليمي معيار کي وڌائڻ لاءِ نصاب جي موثر عملدرآمد ۾ سهولت فراهم

ڪري؛

(d) ”ڪائونسل“ مطلب دفعہ 5 تحت قائم ڪيل ڪائونسل؛

(e)”نصاب“ نصاب، پڙهائي جي اسڪيم، نصابي ڪتاب ۽ سکيا جو سامان، ۽ تشخيص جون مشقون جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي، انهن لاءِ رهنمائين جو سيٽ تيار ڪرڻ؛

(f) ”نصابي فريم ورڪ“ مطلب نصابي مقصد، سکيا ۽ مضمون جي ايراضي، معيار، بينچ مارڪس ۽ شاگردن جي سکڻ جي نتيجن جو سڏارو، عملدرآمد ۽ اسڪول ايجوڪيشن معيار حاصل ڪرڻ لاءِ ڪاٿي ڪي يقيني بڻائڻ؛

(g) ”نصاب ونگ“ مطلب هن ايڪٽ تحت حڪومت طرفان قائم ڪيل نصاب ونگ؛

(h)”شروعاتي سال“ مطلب 3 کان 5 سال تائين عمر جي ٻارن لاءِ تعليم جي فراهمي؛

(i) ”حڪومت“ مطلب حڪومت سنڌ؛

(j) ”ادارا“ مطلب اهي ادارا جيڪي بنيادي تعليم کان 12 گريڊ تائين تعليم فراهم ڪندا هجن، بيان ڪيل نصاب تحت ۽ اهڙا ٻيا تعليمي اسٽيبلشمينٽس جيڪي حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ هن شق جي مقصد لاءِ بيان ڪيا وڃن؛

(k)”سکيا جو مواد“ مطلب اضافي وسيلن جو مواد جيڪو مخصوص سطح تي مخصوص مضمون لاءِ شاگرد جي سکيا جي نتيجن جي حاصلات ۾ مدد ڪري؛

(l) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(m) "ڪوالٽي" مطلب تعليم جيڪا سيني سکندڙن کي انهن جي صلاحيت موجب علمي، سائڪوموٽر، سماجي، جذباتي، تنقيدي، تخليقي ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيتن جي لائق بڻائي؛

(n) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(o) "اسڪول تعليم" مطلب شروعاتي سالن کان ٻارنهن گريڊ تائين؛

(p) "اسٽينڊرڊ" مطلب اسڪول تعليم لاءِ تعليم جا معيار جيئن شاگرد نصاب موجب هر گريڊ جي سطح تي سمورن مضمونن ۾ سکيا جا نتيجا حاصل ڪري سگهن؛

(q) "نصابي ڪتاب" مطلب سکيا جو مواد جيڪو پرنٽ يا اليڪٽرانڪ شڪل ۾ هجي، مخصوص درجن ۽ مضمونن لاءِ نصاب موجب تيار ڪيل ۽ برقرار رکيل هجي.

**نصاب ونگ جو قيام ۽ ان جا ڪم**
**Establishment of Curriculum Wing and its functions**

3.(1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان هڪ نصاب ونگ قائم ڪئي ويندي.

(2) نصاب ونگ نصاب، نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان ۽ تشخيص سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ذميدار هوندي.

(3) نصاب ونگ جي صدارت حڪومت طرفان مقرر ڪيل عملدار طرفان ڪئي ويندي، جيڪو تعليمي ۽ پروفيشنل قابليت رکندڙ هوندو ۽ پاليسي، تحقيق، نصاب،

تشخيص ۽ تعليم ۾ مڪمل مستحڪم حصو هوندو.

(4) نصاب ونگ تعليم کاتي کي رپورٽ ڪندي ۽ نصاب، نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان ۽ تشخيص سان لاڳاپيل ايجنسيز سان گڏجي ڪم ڪندي، اها:

(a) تعليمي معيارن جي ترقي لاءِ رهنمايون فراهم ڪندي؛
(b) نصاب، تشخيص، نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان تي حڪمت عملي جوڙيندي؛
(c) تعليمي معيارن، نصاب، تشخيص، نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان وچ ۾ تعلق کي يقيني بڻائڻ؛
(d) وقتي بوقت نظرثاني، ڪاتي ۽ نصاب جي نظرثاني ۽ هدايتي سامان جي نگراني لاءِ رهنمايون فراهم ڪرڻ؛
(e) نصاب، نصابي ڪتابن ۽ لاڳاپيل تعليمي ادارن طرفان فراهم ڪيل سکيا جي سامان جي تصديق ڪرڻ؛
(f) ادارن وچ ۾ مهارت، تجربي ۽ تعليم جي معيار کي سڌارڻ لاءِ لاڳاپيل وسيلن جي شيئرنگ لاءِ فارمل لنڪس کي هٿي وٺرائڻ لاءِ موثر سهڪاري طريقو جوڙڻ؛
(g) ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي انتظامي ضابطي هيٺ ايجنسيز يا ادارن کي سگهارو بڻائڻ لاءِ صلاحيت وڌائڻ جون حڪمت عمليون جوڙڻ؛
(h) نصاب، تشخيص ۽ تعليم جي معيار جي لاڳاپيل

عنصرن تي تحقيق لاءِ رهنمايون فراهم ڪرڻ؛

(i) نصاب جي عملدرآمد ۾ سهڪار لاءِ سهولتن، اوزارن ۽ هدايتي سامان تي مشورو ڏيڻ.

(5) نصاب جي موجوده بيورو ۽ ايڪسٽينشن ونگ نصاب، تحقيق ۽ تشخيص جي ڊائريڪٽوريٽ طور ٻيهر ترتيب ڏنا ويندا، ان جي وڌايل ادارتي صلاحيت سان گڏ، اها:

a. ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ طرفان فراهم ڪيل رهنمائين موجب اسڪول ايجوڪيشن جي معيارن کي وضح ڪرڻ؛

b. حڪمت عملي، نصاب جي ڊزائن، ترقي ۽ نظرثاني، نصابي ڪتاب ۽ سکيا جي سامان جي ترقي، ۽ سکيا لاءِ ۽/يا تشخيص لاءِ ثبوتن جي بنياد تي تحقيق ڪرڻ؛

c. سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ، اسڪول ايجوڪيشن جي ڊائريڪٽرز ۽ ٻين لاڳاپيل لائين ڊپارٽمينٽس سان گڏجي ڪم ڪندي نصاب کي ترقي وٺرائڻ، عملدرآمد ڪرائڻ ۽ ڪاٿو لڳائڻ؛

d. اسڪول ايجوڪيشن معيارن ۽ نصابي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان جي نظرثاني؛

e. گريڊ 3، 5 ۽ 8 تي شاگردن جي حاصلات جي ٽيسٽ منعقد ڪرڻ؛

f. سمورن اسڪول سطح تي شاگردن جي سکيا جي

لڳاتار تشخيص ڪرڻ.

(6) استادن جي تعليم جو صوبائي ادارو (PITE) پروفيشنل اهل استادن، ٽيچر ايجوڪيٽرز ۽ هيڊ ٽيچرز لاءِ اسڪول ايجوڪيشن معيارن، نصاب جي بنياد ي سروس کان اڳ استادن جي تعليم ۽ لڳاتار پروفيشنل ڊولپمينٽ پروگرام تي عملدرآمد لاءِ ذميدار هوندو. PITE استادن جي تعليم جي پروگرام جي اڪيڊمڪ نگراني لاءِ ذميدار هوندو. جيتوڻيڪ سمورا لاڳاپيل استادن جي تعليم جا ادارا توڙي PITE ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي انتظامي ضابطي هيٺ ڪم ڪندا.

(7)سنڌ ٽيچر ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) ٽيچر ايجوڪيشن پروگرامز جي تصديق ڪندي ۽ مڃتا ڏيندي ۽ بنهي اڳواٽ ۽ ان سروس ٽيچر ايجوڪيشن پروگرامز جي معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ پروفيشنلي مجاز استادن کي موثر نموني نصاب پڙهائڻ لاءِ تيار ڪندي. اها استادن منجهه پرويفيشنلزم جي ڪلچر کي هٿي وٺرائڻ لاءِ استادن کي لائسنس ڏيڻ جي پڻ ذميدار هوندي.

(8) سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ وڏيڪ سگهارو بڻايو ويندو. موثر ريگيوليٽنگ ۽ مانيٽرنگ اٿارٽي طور تہ جيئن آٿرشپ، پروڊڪشن، ڪاپي رائيٽس، پرنٽنگ ۽ نصابي ڪتابن جي ڊسٽريبيوشن ۽ سکيا جي سامان کي موثر نموني سنڀالڻ کي وقت سر بهتر بڻائي سگهجي:

a. نصابي ڪتاب ۽ سکيا جي سامان جي فراهمي جي چين پروسيس جي هر سطح تي ڪارڪردگي ۽ سروس معيارن کي يقيني بڻائڻ؛

b. نصابي ڪتاب ۽ سکيا جي سامان جي ترقي ۽ پروڊڪشن جي پيڪيجز جي صورت ۾ شفاف ۽ مسابقتي نموني آئوٽ سورسنگ؛

c. نصابي ڪتابن ۽ سکيا جي سامان جي ڪلاس روم سطح تائين وقت سر رسائي ۽ ٽريڪنگ لاءِ ٽيڪنالاجيڪل جدت سان سلهاڙيل ايجوڪيشن مئنيجمينٽ انفارميشن سسٽم استعمال ڪرڻ.

(9)اسڪول ايجوڪيشن جون ڊائريڪٽوريٽس پنهنجي ضلعي ايجوڪيشن آفيسرز ذريعي هر ٽه ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو نصاب جي عملدرآمد جي نگراني ڪنديون ۽ اسڪول ايجوڪيشن معيارن جي حاصلات لاءِ لاڳاپيل معلومات گڏ ڪنديون ۽ وقت سر ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ کي جمع ڪرائينديون.

(10)ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ پنهنجي ضابطي هيٺ ايجنسيز جي ادارتي صلاحيت کي هٿي وٺرائيندو، جيڪي پائيدار بنيادن تي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ذميدار هونديون.

**سنڌ نصاب ڪائونسل جو قيام ۽ ان جا ڪم Establishment of Sindh**

4.(1) حڪومت هن ايڪٽ جي موثر عملدرآمد لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪائونسل قائم ڪندي، جنهن کي سنڌ نصاب ڪائونسل سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| Curriculum Council and its functions | (2) ڪائونسل: |
| | (a)اسڪول تعليمي معيارن جوڙڻ ۽ حڪمت عمليون سڏارڻ تي مشورو ڏيندو؛ |
| | (b)تحقيقي بنياد تي نصاب متعارف ڪرائڻ تي مشورو ڏيندو،جيڪو مقامي، قومي ۽ ريجنل گهرجن سان لاڳاپيل آهي؛ |
| | (c)نصاب جي ترقي، عملدارآمد ۽ ڪاتي لڳائڻ لاءِ صوبائي، قومي ۽ عالمي مناسبت سان رهنمائي ڪندڙ اصول، حڪمت عمليون ۽ ترجيحون جوڙيندي، بشمول نصابي ڪتابن ۽ تشخيص جي؛ |
| | (d)بيان ڪيل اصولن ۽ حڪمت عملين موجب اسڪول تعليمي معيارن جي مرمت ۽ نصاب جي نگراني کي يقيني بڻائيندي؛ ۽ |
| | (e)لاڳاپيل تعليمي ايجنسيز طرفان ڪارڪردگي رپورٽس ۽ مستقبل جي منصوبن تي نظرثاني ڪندي ۽ تعميري فيڊ بيڪ فراهم ڪندي. |
| بيهڪ ۽ جوڙجڪ<br>Composition and Constitution | 5.(1) تعليم وارو وزير چيئرپرسن هوندو ۽ تعليم وارو سيڪريٽري ڪائونسل جو وائيس چيئرپرسن هوندو. ڪائونسل هيٺين ميمبرز تي مشتمل هوندي: |

| | | |
|---|---|---|
| 1. | سنڌ اسيمبلي جي تعليم تي اسٽينڊنگ ڪميٽي جو چيئرپرسن | ميمبر |
| 2. | چيئرپرسن سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| 3. | نصاب، تشخيص ۽ تحقيق جو ڊائريڪٽر | ميمبر |
| 4. | ڊائريڪٽر جنرل، PITE | ميمبر |
| 5. | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، STEDA | ميمبر |
| 6. | امتحاني بورڊز جو هڪ چيئرپرسن | ميمبر |
| 7. | سنڌ يونيورسٽي جي تعليم جي فيڪلٽي جو ڊين | ميمبر |
| 8. | چيف پروگرام مئنيجر، RSU | ميمبر |
| 9. | اسڪول ايجوڪيشن جا ٻه ڊائريڪٽرز | ميمبر |
| 10. | نصاب، نصابي ڪتاب ۽ تشخيص تي هڪ ماهر | ميمبر |
| 11. | ڪارپوريٽ سيڪٽر مان هڪ نمائندو | ميمبر |
| 12. | نجي اسڪول مئنيجمينٽ مان هڪ نمائندو | ميمبر |
| 13. | تعليم ۾ ڪم ڪندڙ اين جي او مان هڪ نمائندو | ميمبر |
| 14. | ملازمت ڪندڙ استاد (ٻه هيڊ ٽيچرز | ميمبر |

| | | |
|---|---|---|
| | ۽ ٻہ ٽيچرز) | |
| 15. | نصاب ونگ جو هيڊ | ميمبر / سيڪريٽري |

(2)ڪائونسل ڪنهن شخص کي ڪنهن خاص مقصد لاءِ ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿي، پر اهڙي شخص کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو.

(3) ڪائونسل جا نان آفيشل ميمبرز ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکي سگهندا. جيڪو نان آفيشل ميمبر جي ڪارڪردگي جي بنياد تي وڌيڪ هڪ مدي لاءِ وڌائڻ لائق هوندو.

**نااهلي**
**Disqualification**

6.(1) ڪو شخص نامزد نہ ڪيو ويندو يا ميمبر طور جاري نہ رکي سگهندو جيڪڏهن:

(a) بداخلاقي جي ڏوهہ ۾ سزا ڀڏايل آهي يا ڪڍهن رهيو آهي؛ يا

(b)بدعنواني جو ڏوهي آهي يا رهيو هجي؛ يا

(c)عدالت طرفان ذهني مريض قرار ڏنو ويو آهي يا ڏنو ويو هجي؛يا

(d)ڏيوالو قرار ڏنو ويو آهي يا ڏنو ويو هجي؛ يا

(e)طبي يا ذهني معذوري سبب ذميداريون نڀائڻ لائق نہ هجي يا حڪومت طرفان جوڙيل اسپيشل ميڊيڪل بورڊ طرفان قرار ڏنو ويو هجي؛ يا

(f) چيئر ۽ وائيس چيئر ڪانسواءِ ڪائونسل جي اسٽاف جو ملازم آهي؛ يا

(g) تڪرار يا مفاد بابت ڄاڻ هئڻ باوجود ٽن ڏينهن اندر ڪائونسل کي ڪنهن تڪرار يا مفاد ظاهر ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو؛ يا

(h) ڪا پبلڪ آفيس رکڻ کان عدالت جي حڪم ذريعي نااهل قرار ڏنو ويو هجي؛ يا

(i) حڪومت طرفان برطرف ڪيو ويو هجي.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ڪنهن به وقت عهدي تان چيئرپرسن کي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو/سگهي ٿي.

**صوبائي نصاب ڪائونسل جون گڏجاڻيون**
**Meetings of the Provincial Curriculum Council**

7.(a) ڪائونسل جون گڏجاڻيون ايترو جلدي ڪوٺايون وينديون، اهڙي تاريخ ۽ هنڌ ۽ وقت تي جيئن چيئرپرسن طئي ڪري؛ بشرطيڪ ڪائونسل ٽه ماهي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گڏجاڻي ڪندي.

(b) ڪورم ڪائونسل جي ڪمن جي سلسلي ۾ ڪائونسل جي گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿو.

(c) گڏجاڻيءَ جي مقصد لاءِ پنجاهه سيڪڙو ميمبر ڪورم جوڙيندا.

**ڏنڊ**
**Penalty**

8.جيڪو به هن ايڪٽ جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو قيد جي سزا لائق هوندو، جيڪا ڇهه مهينن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ جيڪو پنجيتاليهه هزار رپين کان گهٽ نه هوندو، يا ٻئي گڏ، ڪنهن ٻئي ڏنڊ سان گڏ، جيڪو ڪنهن ٻئي وقتي طور لاڳو قانون موجب لڳائڻ لائق هوندو.

**ڏوهه جو ازالو**

9.ڪا به عدالت ڏوهه جو ازالو نه ڪندي، جيستائين

| | |
|---|---|
| Cognizance of offence | حڪومت يا ان سلسلي ۾ ان طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن شخص طرفان شڪايت نہ ڪئي وڃي. |
| عدالت جو دائره اختيار<br>Jurisdiction of Court | 10.جڊيشل ماجسٽريٽ ڪان گهٽ ڪا عدالت هن ايڪٽ جي دفعہ تحت ڏوهہ جو ازالو نہ ڪندي، سواءِ مجاز اختياري طرفان لکت ۾ ڪيل شڪايت جي. |
| اپيل<br>Appeal | 11.ڪائونسل جي هدايت يا حڪم سان متاثر ڪو بہ شخص هدايت يا حڪم ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو، جنهن جو ان سلسلي ۾ فيصلو حتمي هوندو. |
| ڇوٽ<br>Indemnity | 12.ڪو مقدمو، ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي ڪنهن شخص خلاف نہ ڪئي ويندي، جنهن هن ايڪٽ يا ڪنهن قانون يا ان سلسلي ۾ ڪيل حڪم تحت سٺي نيت سان ڪجهہ ڪيو هجي يا ڪجهہ ڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي. |
| قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules | 13.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| ضابطا<br>Regulations | 14.ايڪٽ ۽ قاعدن موجب، مجاز اختياري، صوبائي نصاب ڪائونسل جي سفارش تي هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن کي موثر بڻائڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي. |

| | |
|---|---|
| 15.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي ٿي، حڪومت اهڙي رڪاوٽ هٽائڻ لاءِ اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي ضروري هجن. | رنڊڪ هٽائڻ Removal of difficulty |
| 16.(1) وفاقي نصاب، نصابي ڪتابن جي نگراني ۽ تعليم جي معيارن جي مرمت ايڪٽ، 1976 (1976 جي X) جي گنجائشن کي سنڌ صوبي تائين وڌائڻ کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>(2)جيتوڻيڪ وفاقي نصاب، نصابي ڪتابن جي نگراني ۽ تعليم جي معيارن جي مرمت ايڪٽ، 1976 (1976 جي X) جي گنجائشن کي سنڌ صوبي تائين وڌائڻ جي منسوخي تائين، ڪجهه بہ ڪيل، ڪارروائين يا ڪنيل قدم، حڪم يا جوڙيل قاعدو، واجب الادا يا ڄاڻايل ايڪٽ تحت حاصل ڪيل حق، جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب هجي، اهو هن ايڪٽ تحت ڪيل، ڪنيل، جوڙيل، وصول ڪيل يا حاصل ڪيل سمجهيو ويندو. | منسوخي ۽ محفوظ ڪرڻ Repeal and Savings |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**